ڊاڪٽر الله وسايو سومرو

# حمل فقير جي سنڌي شاعريءَ جو تجزياتي مطالعو

# AN ANALYTICAL STUDY OF SINDHI POETRY OF HAMAL FAQEER

**Abstract:**

Hamal faqeer is a well-known poet of Sindhi Literature. He was born in 1225 Hijra/1809 A.D in the village of Meer Khan laghari of khairpur state and died in 1296 Hijra and was burried in a graveyard of Ibrahim Shah near village Mahmood Khan laghari, which is presently in Sakrand Taluka. Hamal Faqeer wrote his poetry in Sindhi, Seraiki, Hindi and Persian language but his Sindhi and Seraiki poetry is more popular. His collection of poetry namely "Deewan-e-Hamal" was firstly published in 1914 from shikarpur but then his complete poetry was published in 1953 namely "Kulyat Hamal" by Dr. Nabi Bux Khan Bloch from Sindhi Adabi Board. In this collection of poetry there are three portions, Sindhi Kalam, Seraiki Kalam, Hindi Kalam and Persian Kalam، respectively. In Sindhi Portion there are twelve (12) chapters. First three chapters are relating to religious topics like as Madah-Moajazah etc. and other nine chapters are depending on various topics but monthly on Sindhi Romantic Folk stories of Sassui, Marui, Sohni, and Moomal. In this paper his Sindhi poetry is analyzed.

حمل فقير لغاريءَ جو جنم رحيم خان لغاري جي گهر ۾ 1225هہ/ 1809ع ۾ ”ڳوٺ ميرخان لغاري“، رياست خيرپور ۾ٿيو. سندس پاڙو ”ٻهلولاڻي“ ۽ قبيلو ”سيرڪاڻي“ هو. ”حمل خان وڏا، سيرڪاڻي لغاري، ٽالپرن جي حڪومت جي اوائل ۾، ديري غازي خان مان لڏي اچي خيرپور رياست ۾ وينا ۽ اتي پنهنجو ڳوٺ نالي ”ميرخان لغاري“ ٻڌائون، جو خيرپور جي نزديڪ خانپور لڳ، مٺي مري جي ڳوٺ جي ڏکڻ طرف هو“ (1). حمل فقير سٺي تعليم حاصل ڪئي هئي. فارسي ۾سٺي مهارت رکندڙ هو. پر اها ثابتي ڪو نہ ٿي ملي تہ هن ڪهڙي درسگاهہ مان ۽ ڪهڙي استاد کان تعليم ورتي هئي. ان وقت سندس پاڙي جو وڏو ميان سعيد خان هو، جيڪو حمل جي ذهانت ۽ ذڪانت کي گهڻو پسند ڪندو هو، جنهن ڪري نواب صاحب کيس ننديپڻ کان ئي پاڻ سان گڏ رهائيندو هو. ميان سعيد خان خيرپور جي رياست جي ميرن جو ڀروسي وارو ماڻهو هو ۽ نوابي جي عهدي تي فائز هو. هو پهرئين مير ڪرم

علي خان ۽ پوءِ ميرمراد علي خان جي طرفان ڪوٽ سبزل جو نواب هو. ٿي سگهي ٿو ته ميان سعيد خان پنهنجي نوابيءَ جي ڏينهن ۾ حمل فقير کي پاڻ سان گڏ ڪوٽ سبزل ۾ رها يو هجي ۽ اُتي تعليم حاصل ڪئي هجي، ڇا ڪاڻ ته تن ڏينهن ۾ ڪوٽ سبزل ۾ ديني درسگاهه گهڻو مشهور هئي.

پنهنجي ذهانت تعليمي پختگيءَ جي ڪري هن اُستادي پيشو اختيار ڪيو، جڏهن هو خيرپور رياست مان لڏي ڳوٺ ميرخان لغاري تعلقي سڪرنڊ ۾ مڪتب جو آغاز ڪيو هو. انهي ڪم ۾ ڪيس رئيس ميرخان جي پٽ ميان بختيار خان جي اخلاقي ۽ مالي معاونت حاصل هئي. هِتي هو پارسي جي تعليم ڏيندو هو.ڪيس مڪتب جي ڪري نه، پر سندس شاعريءَ جي ڪري گهڻي شُهرت ملي. پنهنجي خوش طبعي، حاضر دماغي، علمي لياقت ۽ شاعريءَ جي ڪري سندس شُهرت پري پري تائين ٿيڻ لڳي، تنهن ڪري سندس واقفيت جو دائرو وسيع ٿي ويو هو. سندس واقفيت جي دائري ۾ ان وقت جا حڪمران ۽ بزرگان به اچي ٿي ويا. حمل فقير ۽ بختيار خان وارن جي رياست خيرپور جي مير علي مراد خان سان گهڻي واقفيت هئي، جڏهن به سلام لاءِ حاضري ڀريندا هئا ته شاهي مهمان ٿي رهندا هئا. ان کان علاوه ميرعلي مراد خان جي فرزند مير شاهنواز خان سان به سندس گهڻي اچ وڃ هوندي هئي ۽ اُتي اوطاقي ٿيندو هو، جيڪونه سندس حمل فقير جو پر سندس سواريءَ (گهوڙو) جو به گهڻو خيال رکندو هو.

حمل فقير جي خاندان جو پيرصاحب پاڳارن جي درگاهه سان روحاني ڳانڍاپو رهيو آهي، ڇاڪاڻ ته خليفو نبي بخش لغاريءَ، پهرئين پيرپاڳاري سيد محمد راشد روضي ڌڻي جو خاص خليفو هو. هو، رشتي ۾ حمل فقير جو ويجهو عزيز به هو، ان کان علاوه حمل فقير جا به وڏا ڀائر ميان نهال خان ۽ ميان محمد خان، خيرپور رياست مان لڏي هميشه جي لاءِ پير صاحب پاڳاري وارن جي ڳوٺ ۾ مقيم ٿيا هئا.حمل فقير جو ڀائٽيو ميان ڇُتل خان وڏو عالم ۽ فاضل هو، سو پير سائين پاڳاري سيد حزب الله شاهه جو مُريد ٿيو، جنهن ڪيس بعد ۾ خاص صلاح ڪار مقرر ڪيو هو ۽ درگاهه جو سڀ ڪاروهنوار سندس ذمي هوندو هو. جنهن ڪري حمل فقير جي خاندان جو، هن درگاهه سان هڪ خاص روحاني تعلق هو.

هن درگاهه سان حمل جي شروعاتي واقفيت پيرصاحب سيد علي گوهرشاهه "اصغر" (1213- 1263 هه) سان ٿي، هي بزرگ هڪ عالم، عارف، درويش ۽ سنڌي ٻوليءَ جو ناليوارو شاعر ٿي گذريو آهي. حمل فقير "هير ۽ سندس ماءُ" جي سوالن جوابن واري ٿيهه اکري ناهي جڏهن پيرصاحب "اصغر" سائين جن آڏو پيش ڪيائين ته پير صاحب کي گهڻو پسند آئي. پير سائينءَ جي چوڻ تي هير ۽ سندس ٻين عزيزن مائٽن جي وچ ۾ سوالن جوابن جا وڏيڪ ٿيهه بيت، حمل فقير ناهيا. پير صاحب سيد علي

گوهرشاهہ "اصغر" سائين جي رحلت بعد، پير صاحب سيد حزب الله شاهہ جن وٽ بہ حمل گهڻو حاضري ڀرڻ ايندو هو. حمل فقير جو شڪارپور ۾ لڪي جن سيدن مان عباس علي شاهہ وارن وٽ بہ گهڻو اچڻ وڃڻ جو رستو هوندو هو.

حمل فقير، لنواري شريف جي بزرگن جو مُريد ٿيو. جنهن ڪري لنواري شريف جي درگاهہ تي بہ حاضري ڀرڻ ويندو رهندو هو. مٿين مثال مان معلوم ٿو ٿئي تہ حمل جي سنڌ ۾ گهڻي ڄاڻ سڃاڻ هئي، هو سنڌ جي ميرن، پيرن، فقيرن ۽ رئيسن سان مُلاقاتون ڪرڻ ۾ رهاڻيون ڪرڻ لاءِ وٽن ڪهي ويندو هو. حمل فقير کي بہ زالون هُيون، جنهن مان کيس هڪ پُٽ ۽ ٽي نياڻيون ٿيون. پٽ جو نالو "رحيم خان" رکيائون، رحيم خان مان هڪ پٽ ٿيو جيڪو ننڍپڻ ۾ ئي گذاري ويو هو. اهڙي طرح حمل فقير جو خاندان سندس ڌيئرن ذريعي اڳتي وڌيو. حمل فقير پڇاڙيءَ ۾ بيمار ٿي پيو هو، ۽ ان بيماري سبب پنهنجي ڳوٺ محمود فقير لغاري ۾ وفات ڪيائون. "سندس فرزند ميان محمد رحيم، پنهنجي والد جي بياض جي آخر ۾، سندس وفات جي تاريخ پنهنجي هٿ اکرين چنچر رات، تاريخ 2 صفر سنہ 1296هہ قلمبند ڪئي آهي".(2)کيس ابراهيم شاهہ واري قبرستان ۾ ڳوٺ محمود خان لغاري ۾، تعلقي سڪرنڊ ۾ دفنايو ويو.

حمل فقير جي سڃاڻپ هڪ شاعر طور آهي. هو هڪ سنڌي عوامي شاعر آهي. سندس ڪلام سنڌي، سرائڪي، فارسي ۽ هندي ۾ ملي ٿو. پر شُهرت سندس سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام کي گهڻي ملي آهي. سندس ڪلام جي ڇپجڻ منظرعام تي اچڻ جي باري ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو تہ: "سندس ڪلام جو مجموعو "ديوان حمل" اول 1914ع ۾ شڪارپور مان ڇپيو، ٻئي حصي ۾ سرائڪي زبان ۾ چيل بيت ڇپيا. پروفيسر لطف الله بدوي 1937ع ۾ مقالو لکيو جو بقول سندس صحيح معلومات فراهم نہ ڪري سگهيو...... خانبهادر ميمڻ واري ادبي تاريخ ۾ حمل جو ذڪر ئي نہ آيو. هيڏانهن ڊاڪٽر بلوچ 1951ع ۾ رسالي عام راءِ ۾ پورءِ نئين زندگيءَ ۾ مقالو لکيو. آخر 1953ع ۾ "ڪليات حمل" سنڌي ادبي بورڊ جي وساطت سان ايڊٽ ڪري مڪمل مقدمي سميت شايع ڪيائين".(3) سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو طرفان "ڪليات حمل" جا هن وقت تائين (2011ع)ست ايڊيشن ڇپجي چُڪا آهن.

حمل فقير جيئن تہ ننڍپڻ کان ئي وڏو ذهين ۽ لياقت ڀريو ڇوڪرو هيو، تعليم کيس ويتر ذهن کولي ڇڏيو، فارسي اشعار سان کيس روشناس ڪرايو ويو. گهر ۾ ئي کيس شاعري وارو ماحول مليو، سندس والد صاحب رحيم خان ڪڏهن ڪڏهن شاعريءَ ۾ پنهنجا خيال پيش ڪندو هو. اهڙي طرح سندس لاڙو شاعري طرف پيو. سندس آوائلي ڪلام ۾ سگهڙپائي وارا بيت ملن ٿا ۽ انهن کان علاوه سندس ڪجهہ

شاعري مزاحيہ بہ ملي ٿي. جڏهن هو مجازي محبت جي ڪوڙڪي ۾ ڦاٿو تہ پنهنجي جذبن جو اظهار هن طرح ڪيائين:

پريان سندي پار جي، جي ڪُتي اچي ڪاري،
تہ هوند سڀ لغاري، ان ڪُتي تا قربان ٿيون.(4)

هيءُ بيت سندس شروعاتي شاعريءَ مان آهي، مجازي عشق سندس شاعرانہ شعور کي اُجاگر ڪيو. ان کان علاوه حمل کي ڪجهہ شاعرن جي رهنمائي بہ ملي، جنهن ڪري سندس شاعري عروج کي پهتي. حمل فقير، مولوي لطف علي ۽ خليفي نبي بخش جي ڪلام کان گهڻو متاثر ٿيو هو. حمل پنهنجي بياض ۾ لطف علي جا ڇهہ بيت لکيا آهن ۽ انهن جي پيران پنهنجا ڇيل بيت بہ قلمبند ڪيا آهن.

لطف علي چوي ٿو:

1: نَيِنَ سياه سَرِبَجَن دي هن، سهجئون مست مدام ڏُوهين،
2: مِينَت، مِرگَهت، چوڙبَحربَر، چمن تيڏي اقدام ڏوهين،
3: دارائين سلطان سڪندر، در دي خاص غلام ڏوهين،
4: يارب! لطف علي ڪون شوقئون، هيل شناب امام ڏوهين. (4)

حمل فقير چوي ٿو تہ:

1: ناز پَري دي نَين سدائين، مَي بن هن مستان ڏوهين،
2: جادو جَلوه دار جنگاور، سرڪش هِن سلطان ڏوهين،
3: ابرو اکيان دِلبر ديان، گڏ مسجد تين مَيخان ڏوهين،
4: نال حَمل دي يار مليا، تئي باغ زمين آسمان ڏوهين. (5)

هنن بيتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ لطف علي وٽ بلاغت آهي ۽ حمل فقير وٽ فصاحت آهي. مولوي لطف علي، بهاولپور، رياست جو مشهور شاعر هو ۽ حمل فقير جو همعصر هو. لطف علي سرائڪي زبان ۾ ”سيف الملوڪ ۽ بديع الجمال“ جو قصو، شاعريءَ ۾ نظم بند ڪيو.خليفو نبي بخش لغاري، پير سائين سيد محمد راشد روضي ڌڻيءَ جو خليفو هو. خليفي صاحب پنهنجي پٽ احسان علي جي شادي ڳوٺ ميرخان لغاري مان ڪرائي ۽ اها خاتون حمل فقير جي رشتي ۾ ماسات هئي. انهي ويجهي مِٽي مائٽي جي ڪري حمل فقير، خليفي صاحب جي صحبت مان سلوڪ ۽ طريقت توڙي شاعري متعلق گهڻو ڪجهہ حاصل ڪيو هو. خليفي صاحب 1250هہ ۾ ”سسئي پنهون“جو قصو پنهنجي شاعريءَ ۾ نظم بند ڪيو تہ حمل فقير وري 1263هہ ۾ ”هيررانجهو“ جو قصو پنهنجي شاعريءَ ۾ نظم بند ڪيو، حمل فقير سي حرفي ۾ ”ص“ تائين هن قصي کي بيان ڪيو هو، مڪمل سي حرفي نہ ٺاهي سگهيو. انهي مان ”دال“ جي اکر تي حمل فقير سي حرفي ۾ هيرجي سندس ماءُ کي هن طرح جواب ڏياري ٿو:

آڪـي ڙي: دال دل مـيـري دلـدار نـيـتـي،
هـورمـتـا نِـمِـهـيـن مـنـتـار ڪَـنـون،
واري وار وجــان تَــهـيـــن وار اُتـــون،
جَـهـيـن وار تـيـون خـوش يـار ڪـنـون،
گـــهــر ٻَـــار دي ڪـــار وِســار ڏِتــي،
جَڏان ڪنين ڪُوڪ پئي ڪنڌي پار ڪنون،
ڪانهن ڪَپ دي ڪَپ تَين نَپ هَـتـيـن،
تَـر تَـرپ پـئـيـچـان، نـدي تـارڪـنـون،

هير جو جواب خليفي صاحب جي زباني هن طرح آهي:

آڪـي ڙي: دال دم قـدم تـي يـاد مـاهـي،
رهـيـــا رَم صـنـــم سَـريـــر مَـــيـڏي،
هـــڪ دل تـــي تـــي دِلـــداري هِـــڪـــو،
پـنـج سَـت نِـهـيـن ڪـجـهـ پـيـر مَـيـڏي،
دل شـيـــر دلـيـــر دي پـيـــر ڪُـتـــي،
شَـمـشـيـر سَـتـي سـڙ ويـر مَـيـڏي،
هـڪ جـو جـي تـي نـهـيـن پـوءِ تـوڙي،
لـڪ سَـئـو سـتـو سـر تـيـر مَـيـڏي،
”قـاسـم“ ڪـم سَـيـي تُـل تـم تـئـي،
لـڪـي تـوڙي ڪـنـون تـقـديـر مَـيـڏي.(6)

جهڙي طرح حمل فقير ٻين شاعرن کان اثر قبوليو آهي، تهڙي طرح ٻين شاعرن تي بہ حمل فقير جو اثر پيو آهي. شاعرن ۾ شاعر پنهنجو اڳ ۾ تيار ڪيل يا لکيل ڪلام پڙهندا هئا، پر حمل فقير کي بَر وقت ڪا مصرع پيش ڪئي ويندي هئي، جنهن تي هو پنهنجا اشعار پڙهي حاضرين کي متاثر ڪندو هو، جنهن ڪري سندس همعصر شاعرن تي وڏو اثر هو. حمل فقير جي شاعريءَ کان متاثر ٿيندڙ ڪجهه شاعرن جا نالا هن طرح آهن:

1: عرضي فقير ماري (تعلقوسنجهورو)، 2: شاهہ محمد ديدڙ 3: نورمحمد نالي ڪو شاعر 4: جان محمد نا ڪو شاعر 5: پير حسن بخش مرحوم (ڊنڙو، تعلقو شهدادپور) 6: مرحوم حاجي ميان شير محمد لغاري (لنڊو، تعلقو شهدادپور)، 7: مرحوم لعل بخش خان لغاري، 8: لس ٻيلو جو شاعر نِم فقير.

حمل فقير جي سنڌي ۽ سرائڪي زبان ۾ سندس چيل شاعريءَ جي صنفن ۾ مداحون، معجزا، مناقبا، مثنوي، سي حرفيون، غزل، بيت، ڪافيون، هنر، ڏهسناما ۽ معمما موجود آهن. حمل جي شاعري جا موضوع ۽ عنوان عوامي آهن. سندس مناقب

”حضرت علي“ ”سلسلۂ شاهان نقشبندان“ ۽ ”معرفت نامو“ علمي معلومات سان ڀريل آهن. ڪافيون، هنر ڏهسناما ۽ معما عوامي شاعري جي عنوان جا گوهر ۽ موتي آهن. معرفت نامي جو پهريون حصو ”الف اشباع“ تي ملي ٿو.

حمل فقير، موضوع مطابق موافق ٻولي ۽ مناسب محاورن ۾ وڏوو پڙ هو. ڪيس سنڌي سرائڪي تي عبور حاصل هو. ان کان علاوه سرائڪي جي پنجابي محاوري ۽ لهجي، توڙي اتر سنڌ ۽ بهاولپور محاوري ۽ لهجي تي بہ مَلڪو حاصل هئس. حمل فقير فارسي زبان ۽ شعر مان چڱو خاصو واقف هو. پر سندس ڪلام ۾ فارسي جو اثر ڪونهي. سندس سنڌي بيت خاص طرح محاورن جو بهترين نمونو آهن.

حمل فقير جي شاعري عام حقيقتن ۽ حالتن ڪي نروار ڪري ٿي. سندس شاعري جا موضوع عام فهم، آسان ۽ دلچسپ آهن. هو محبت ۽ عشق جي هَر پَهلو ڪي نروار ڪري ٿو.

هو محبت ۽ مجاز جي رازن ڪي دلچسپيءَ سان ۽ موثر لفظن ذريعي پيش ڪري ٿو. خوش مزاجي، مزاح، خوش طبعيءَ سندس شاعريءَ جي اهم سجاڻ آهي. محبوب جي ناز نخرن ۽ دل ڦرڻ جي حرفتن جو بہ ذڪر ڪري ٿو. جتي هو محبوب جي رازن ۽ نيازن جو ذڪر ڪري ٿو اتي ماني ۽ ميار، ڏک ۽ ڏوراپن جون بہ وارداتون بيان ٿو ڪري. ”ڪٿي سندس مناقبا، معجزن ۽ مداحن جي وزن ۾ ذرا فرق آهي. ڪٿي سادو آهي. ڪٿي اکري اوٽايون بہ ملن ٿيون. لفظن جي سهولت ۽ قافين جي ارزاني، انوکا وزن، انهن جي آساني طرز ادا ۾ سلاست ۽ رواني، اندروني ترنم ذريعي پيدا ڪيل خوش الحاني ۽ سندس طبعي ظرافت ۽ خوش بيانيءَ وارين خوبين سندس ڪلام ڪي بلڪل پيارو ۽ دلپذير بنائي ڇڏيو آهي“.(7)

سندس سنڌي ڪلام ۾ جيڪي بہ موضوع، صنفون شامل آهن، سي هن طرح آهن.مدح مبارڪ حضرت نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم، معجزه نبي (هرڻي جو)، صفت چئن يارن جي، مناقب حضرت علي عليہ السلام، (سي حرفي) سلسلۂ شاهان نقشبندان، مدح مرشد، تاريخ نيزه، تاريخ دروازه روضہ، تاريخ سجده مبارڪ، بيت صحيفہ اول منجهہ بيان طريقي نقشبندي جي، صحيفہ ثاني منجهہ بيان طريقي قادريءَ جي، سُر سسئي، سُر مارئي، سُرسهڻي، سُرمومل راڻو، سُرسارنگ، سُرڪانگل، سُربرو وسنڌي، يار ۽ ياراني ۽ متفرقات.

حمل فقير جي سنڌي ڪلام ۾ نهايت عمده مداحون، معجزا ۽ مناقبا شامل هن، جيڪي پنهنجي اسلوب بيان ۽ سلاست وفصاحت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. هڪ دعائيہ انداز ۾ مدح ۾ هن طرح چيو اٿس تہ:

تنهنجي رعايت ٿو گهران، تنهنجي عنايت ٿو گهران،
تنهنجي شفاعت ٿوگهران، ڪر مهر مون تي مصطفيٰ. (8)

سندس سنڌي ڪلام جي مطالعي ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي تہ حمل فقير کي تصوف جي باريڪ نڪتن جي ڄاڻ بہ هئي ۽ هو سلوڪ جي راھ تان بہ گذريو هو. مختلف روحاني شغلن ۽ لطيفن جو ذڪر بہ ڪريٿو، هڪ هنڌ دل جي خطرن جو بہ ذڪر ڪري ٿو، جيڪي راھ سلوڪ جي پانڌيئڙن کي پيش اچن ٿا، هو چوي ٿو تہ:

دل ۾ آهن خطرا چار، تن جا نام پڌج نروار،
بہ خطرا تن مان ڄاڻ مٿاهان، خطرا ٻيا بہ آهن هيناهان،
مٿيان "نفسي" ۽ "سطاني"، هيٺيان "مَلڪي" ۽ "روحاني" (9)

صوفياء ڪرام وٽ علمي ۽ ديني معلومات جا خزانا سندس سينن اندر سمايل هوندا آهن. هُو روحاني راز جا ڄاڻو هوندا آهن. سلوڪ جي پانڌيئڙن جي رهنمائي ڪندڙ آهن. طريقت، شريعت، معرفت ۽ حقيقت جي منزلن کان واقف هوندا آهن. تڏهن تہ هُو ٻين کي انهيءَ روحاني منزل جي ڳس جو ڏس ڏيندا آهن. حمل فقير بہ نفس جي چئن قسمن جو تفصيل بيان ڪري ٿو. هو نفس جا قسم ٻڌائيندي چوي ٿو تہ:

چار قسم تون نفس سڃاڻ، سڻ تون طالب تن کي ڄاڻ،
نفس "امارَہ" ۽ "لَوامَہ"، "مُلهمتہ" ۽ مطمئنَّہ" (10)

سُر سسئي ۾ ٻہ فصل آهن، پهريئن فصل ۾ 22 بيت ۽ 02 ڪافيون آهن، جڏهن تہ ٻئين فصل ۾ بہ 22 بيت ۽ 02 ڪافيون آهن. ڪافيون بيتن پنيان ڏنل آهن. حمل فقير سسئي کي اٽل ۽ پُر عزم ٿو ڏيکاري. حمل وٽ سسئي سسئي ارڏي، جفاڪش ۽ وڏي جاکوڙي آهي. هڪ بيت ۾ حمل سسئي واتان چوائي ٿو تہ:

وَر ري آئون نہ وارن، اوهين وريتيون وَرَي وڃو،
بَلائون بَرنِ جون، ڏسي ڪين ڏَران،
ڪاهينديس ڪيچِن لئي، جيڪي سَٽ سَران،
مِلان جي مَران، تہ تيم حج حمل چئي.(11)

سُر مارئي بيتن جو ڪل تعداد 22 ۽ هڪ ڪافي آهي. ان کان علاوه، متفرقہ بيت هنر جي فن ۾ ۽ صنعت تجنيس ۾ بہ بہ بيت ملن ٿا. مارئي، عمر جي ڪوٽ ۾ رهي ڪري بہ محلات ۾ شاهي سهولتن جي هوندي بہ، انهن جو ڪو بہ فائدو ڪونہ ٿي وٺي، ڄاڪاڻ جو مارئي کي تنهن سان ڪابہ دلچسپي ڪونهي. مارئي کي پنهنجي اَباڻي ديس جي ثقافت ياد آهي، سندن پوشاڪ، پائڻ هيرائڻ، کاڌو خوراڪ ياد آهي، جنهن کي هوءَ، شاهي طعامن ۽ لباسن کان وڌ ٿي پائڻي ۽ ترجيح ٿي ڏئي. حمل فقير مارئي واتان چوائي ٿو تہ:

اونيون لويون انگ تي، نہ کي ويرَ وڳا،
پَنڙا پائڻ ڪينڪي، ساهيڙين سَڳا،
لِلرُ لاٽي لام جي، آهي تن تڳا،

تُنهنجي پيو پڳا، هِهڙي حال حمل چئي.(12)

حمل فقير وٽ سگهڙن وارو فن بہ آهي. سُرمارئي جي اندر، صنعت تجنيس ۾ بہ بيت چيا اٿس انهن مان ٻيو نمبر بيت هِتي نموني طور پيش ڪجي ٿو:

مان سام آهيان، مان سام آهيان، جا ڪام ڪري ڪم خان ميان!
مان طعام اهي ماتام ڪايان، ماتام پانيان هي طعام ميان!
آجام ڪيون آجام ڪرين، اي ڄام! ڪهڙا آجام ميان!
تون مام ڏئين سا مام ڏسين، جيئن عام پائين تئن آن ميان!
حمل چئي هيءَ هام ميان!، ٿو هام مڃين نا هيڪڙي.(13)

سُر سهڻي ۾ ڪل بہ فصل آهن، پهرئين فصل ۾ (10) ڏهہ بيت ۽ ٻين فصل ۾ ٽي (3) بيت آهن. ڪاب ڪافي ناهي، ٻئين فصل ۾ سُر سهڻي بابت ٽي بيت هُنر ۾ آهن. هِتي انهن مان هڪ بيت نموني طور ڏجي ٿو:

مينهون يار ميهار جون، ٿيون ويهن منجهہ منگهن،
اَڇيو مِڙن اَجهور تي، ٿيون ڏُين مَنجهہ مَنگهن،
وڃي مَر تندي ويرَ مان، متئون لات مَنگهن،
مُنهنجو مَنَ مَنگهن، حمل! تنهن محبتي ميهار سان. (14)

سُر مومل راڻو ۾ رڳو هڪڙو ئي بيت ملي ٿو. نہ ڪافي ۽ نہ ئي ڪي ٻيا، هُنر جا بيت. اهو هڪڙو ئي بيت هِتي نموني طور پيش ڪجي ٿو:

توري ميان مينڌرا! ماڙيون ٿيون مارين،
طُول، وهاڻان، تَڪيا، ڳَچُ اندر ڳارين،
هڪ جيڏيون، حمل چئي، هَنجون ٿيون هارين،
سوڍا ٿيون سارين، توکي ڪُنواريون ڪاڪِ جون. (15)

سُر سارنگ ۾ ڪل ڇهہ بيت آهن ۽ هڪ ڪافي آهي. سُر سارنگ ۾ مندائتي مينهن جي وسڻ ۽ ان بعد پيدا ٿيندڙ خوشي ۽ خوشحالي جو ذڪر ملي ٿو. ڪارن ڪڪرن، گجگوڙن ۽ کنوڻ جو بہ ذڪر ڪيو اٿس. حمل چئي ٿو تہ مندائتي مينهن جي وسڻ سان، دراصل رحمٰن جي راضي هئڻ جي خبر پئي ٿي ۽ اهو مينهن اُتر ڪان گوڙ گهمسان سان ۽ وڏي واءُ سان اچي ٿو. هڪ بيت ۾ حمل فقير سارنگ کي سڏڙا ڪندي هن طرح پُڪاري ٿو تہ:

آءُ ميان سارنگ! آءُ عالم تُنهنجي آسري،
اُتر اوپر پار ڏَنهہ، ڪو واءُ سٽائو واءِ،
ڏيئي هونگَ حمل چئي، موتي مُلڪ وساءِ،
تان بَر تَر جاءِ بجاءِ، عالَم آسودو ٿئي. (16)

سُرڪانگل ۾ بہ فصل آهن. پهرئين فصل ۾ ويهہ بيت آهن ۽ جڏهن تہ ٻئي

فصل ۾ ارڙهن بيت آهن. هن سُر ۾ حمل فقير پنهنجي مجازي عشق ۽ محبت جون ڳالهين ۽ راز ڪانگ ذريعي پنهنجي محبوب تائين پهچائي ٿو. هُن ڪي ڪانگ، نياپا ۽ پيغام پهچائڻ ۾ پروسي جوڳو لڳي ٿو. هو پنهنجي سُورن ۽ دردن جون دانهون پنهنجي پرينءَ تائين ڪانگ ذريعي ٿو پهچائي. هن سُر ۾ سندس مجازي عشق ۽ حُسن جو ذڪر دلگداز انداز ۾ ملي ٿو. هڪ هنڌ ڪانگل کي مخاطب ٿيندي چيو اٿس ته:

ڪَجهه ڪانگا! ڪر بات، اج عَجيب اچڻ جي،
اچي ويهه اڪين تي، لَنئُ سڀاجهي لات،
اچن هوند حمل چئي، اج پرينءَ اج رات،
تان ڪانگل تنهنجو وات، مصريءَ ساڻ منو ڪريان. (17)

سُر بروو سنڌيءَ ۾ چار فصل آهن. پهرئين فصل ۾ يارنهن بيت ۽ هڪ ڪافي، ٻئين فصل ۾ سترهن بيت، ٽئين فصل ۾ ٻارهن بيت ۽ چوٿين فصل ۾ رڳو چار بيت آهن. هن سُر ۾ حمل فقير عشق مجازي جون ڳالهيون ٿو ڪري. هو پنهنجي شاعريءَ ۾ پنهنجي محبوب جي نيڻن، چشمن زلفن، نازن ۽ ادائن جو بيان ٿو ڪري، فصل پهريئن جي پهرئين نمبر بيت ۾ مجازي عشق جي ڳالهه هن طرح ٿو ڪري ته:

مونکي ماءَ مجاز، چني تان چيتيون ڪيو،
آيل! ڪم نه اَڇهي، نڪي نفل نماز،
حمل! حبيبن جي رَمز ڇَيا يم رازَ،
اَلستي آواز، منهنجو چِتَ چريو ڪيو. (18)

هن بيت مان لڳي ٿو ته حمل، شاهه عبداللطيف جو اثر قبوليو آهي. ڇا ڪاڻ ته شاهه صاحب وٽ اهڙو بيت ملي ٿو جيئن:

”مونکي ماءُ مجاز، پڃاري جيئن پڃيو“

حمل فقير عوامي شاعر هئڻ ڪري، سندس ڪلام هر عام و خاص ماڻهو جي ترجماني ڪندڙ آهي. جنهن ڪري سندس شاعري اڄ به اسان وٽ چوَٽين ۽ پهاڪن جي ڪري دلچسپي جو ڪارڻ آهي. پُر بروو سنڌيءَ جي ٻئين فصل جي سترهين نمبر بيت ۾ هن طرح اظهار ٿو ڪري ته:

ڪاڻ ڪَنين جي ڪاڻ، آءُ ڪاٽون ڪيان ڪِن جون،
نه ته ڪير ڪاٽون، ڪير اسين، ڪير ڪڍي هوند ڪاڻ،
پرحمل سُرهي ساجن ڪاڻ، تا ڪاٽون ڪيون ڪن جون. (19)

داستان يارهين ”يار ۽ ياراڻي“ حمل فقير ارمان ظاهر ٿو ڪري ۽ هو غمگيني واري حالت ۾ بيان ٿو ڪري ته يارن مان ياري هلي ويئي ۽ دوستيءَ جو ملهه مقدار ڪيترو آهي. مُلڪ مان محبت لڏي ويئي آهي،جيڪي دوستن صفا متجي ويئي

آهي دل لڳي جي ڳالهه جو بيان هن بيت ۾ تمام سهڻن لفظن سان بيان ٿو ڪري ته:

حمل چئي هن ڳالهه جو، ويهي ڪيم ويچار،
ته دل لڳي دوستيءَ جو ڇا مُلهه آهي مقدار؟
تان اندر مان عقل چيو، نقطو هيءَ نروار،
”وجي لڳي ته لک هزار، ٽُٽي ته ٽڪو ئي نه لهي“. (20)

حمل فقير عام فهم ۽ سادن لفظن ۾ عوام جي جذبن، اُمنگن، سندن مسئلن جي پنهنجي شاعري ذريعي نمائندگي ڪئي آهي. مختيار احمد ملاح لکي ٿو ته: ”حمل پنهنجي ملڪي حالتن تي به نظر رکي آهي. عام ماڻهو جو جتي نه داد آ نه فرياد آ، هڪ استحصالي طبقو آهي، جو هر دور ۾ غريب عوام کي، لُٽي رهيو آهي. هو معاشرتي براين جي نشاندهي ڪندي، انهن تي سخت چوٽون به ڪري ٿو“.(21) حمل فقير پنهنجي دور جي عام حالتن جو چٽيءَ طرح بيان ڪري ٿو، لفظن جي معني ۾ لِڪ وارو جا موڪو نه ٿو پهرائي. غير ذميدارنه روين ۽ اهڙن ماڻهن کي ننديائين، جيڪي معاشري جي بگاڙ جو ڪارڻ آهن هو چوي ٿو ته:

زلف ڏنگا، اَبروءِ ڏنگا، گفتار ڏِنگي، رفتار ڏِنگي،
جنهن جاءِ هوندا اِهي چار ڏنگا، لاچار هوندي هرڪار ڏنگي،
ڪيئن اَچي تنهن جاءِ جميعت، شهر سَجو پُر شور شَرَ،
جِت يار ڏنگو، اَغيار ڏنگو، دِهدار ڏنگو، بازار ڏنگي،
ڪير ڪنهن جو فرياد سُڻي، ۽ ڪير ڪنهن جو ڪو داد ڪري،
جِت سُوار ڏنگو، سالار ڏِنگو، دستار ڏِنگي، تلوار ڏِنگي،
ڪيئن اَچي ڪم راس تَنهن جاءِ، سمجھ سُخن ڪر هوش حمل،
ڪوتار ڏِنگو، ڪمدار ڏنگو، مختيار ڏِنگو، سرڪار ڏِنگي.(22)

حمل جي شاعري اندر محبت جو عجيب انداز شاعري جو روح بڻيل آهي. هو انسانيت جو پيروڪار آهي. عوام جي جذبن ۽ احساسن جو آئينو آهي. سنڌي ڪلام ۾ سندس جدا جدا (10) صنفون نظراچن ٿيون، تجنيس تام گهڻي استعمال ۾ آهي. مطلب ته سندس ڪلام ۾ وڏيون خوبيون آهن.

حوالا:

1. بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر، شهيڙيندڙ ”ڪليات حمل، حمل فقير جو ڪلام“، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ. ڇاپو ستون، سال 2011ع، ص 20.
2. ساڳيو، 33.
3. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، سنڌي ادب جي تاريخ، جلد ٻيو، حيدرآباد، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، ڇاپو پهريون، سال 2005ع، ص 84-85.

4. بلوچ،نبي بخش خان ڊاڪٽر، سهيڙيندڙ "ڪليات حمل، حمل فقير جو ڪلام"، ڄامشورو،سنڌي ادبي بورڊ. ڇاپو ستون،سال 2011ع،ص 36.
5. ساڳيو، ص 38-39.
6. ساڳيو، ص 45-46.
7. ساڳيو، ص62.
8. ساڳيو، ص 73.
9. ساڳيو، ص 160.
10. ساڳيو،ص 160.
11. ساڳيو، ص 168.
12. ساڳيو، ص 179.
13. ساڳيو، ص 189.
14. ساڳيو،ص 189.
15. ساڳيو،ص 190.
16. ساڳيو، ص 192.
17. ساڳيو، ص 202.
18. ساڳيو، ص 203
19. ساڳيو، ص 209.
20. ساڳيو، ص 214.
21. ملاح، مختيار احمد، سنڌي ادب تاريخ جو جديد مطالعو، ڪراچي، ڪاٿياراڙ اسٽور، اردو بازار- ڇاپو پهريون، سال 2006ع، ص 204-205.
22. بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر، سهيڙيندڙ "ڪليات حمل، حمل فقير جو ڪلام"، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ. ڇاپو ستون، سال 2011ع، ص 215.